Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اڱارو 18 جولاءِ 2023 ع بمطابق 29 ذوالحج 1444ھ | شمارو: 269 | قيمت10 روپيا

ڏاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن، ڏاڙيلن سان مقابلي لاءِ پوليس کي به جديد هٿيار ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي : سنڌ سماءُ وارو صوبائي وزير

چونڊون، آئين ۽ قانون موجب ٿينديون، لاڏلو ڪجهه خاص ماڻهن جو لاڏلو آهي: شرجيل ميمڻ

هاڻوڪي معاشي صورتحال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڊاڀيجي اسپيشل اڪنامڪ زون شروع ڪيو آهي ته جيئن سڄي دنيا جي سيڙپڪاري کي راغب ڪري ۽ دعوت ڏئي سگهجي

پاڪستان کي ڊگهي مدي وارين معاشي پاليسين جي ضرورت آهي،اسان جو ملڪ زرعي ملڪ آهي ۽ اسان وٽ قيمتي قدرتي معدنيات به آهن، سنڌ سرڪار بين الاقوامي سيڙپڪاري ڪانفرنس منعقد ڪندي

سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ، توانائي، زراعت، آبپاشي، مواصلات ۽ ٻين شعبن ۾ به ترقي ٿي آهي، تمام جلد هي مدو پورو ڪندي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ انشاءَ الله پاڪستان پيپلز پارٽي ڪٽيندي

هاڻي ملڪ کي هڪ سُٺي ماحول ۾ آڻڻ آهي، اڄ کان چار سال اڳ نفرت جو ٻوٽو پوکيو ويو هو، اڄ اسرائيل ڪليل نموني پي ٽي آءِ جي ليڊرشپ کي بچائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي

ايم ڪيو ايم جي بيانن کي سنجيده نه وٺڻ گهرجي، چاڪاڻ ته هي چونڊن کان اڳ ماحول کي گرمائڻ جي ڪوشش آهي، پر اسان جي پارٽي جي ليڊرشپ مفاهمت چاهي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هاڻوڪي معاشي صورتحال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڊاڀيجي اسپيشل اڪنامڪ زون شروع ڪيو آهي ته جيئن سڄي دنيا جي سيڙپڪاري کي راغب ڪري ۽ دعوت ڏئي سگهجي، پاڪستان کي ڊگهي مدي وارين معاشي پاليسين جي ضرورت آهي،اسان جو ملڪ زرعي ملڪ آهي ۽ اسان وٽ قيمتي قدرتي معدنيات به آهن، سنڌ سرڪار بين الاقوامي سيڙپڪاري ڪانفرنس منعقد ڪندي، سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ، توانائي، زراعت، آبپاشي، مواصلات ۽ ٻين شعبن ۾ به ترقي ٿي آهي، تمام جلد هي مدو پورو ڪندي ۽ ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪالعدم ٽي ٽي پي ۽ ٻيا دهشتگرد گروپ ملڪي سلامتي لاءِ خطرو آهن: ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس

اسان کي پنهنجي قومي سلامتي کي پيش ڪنهن به خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي : جنرل عاصم منير

سپهه سالار جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايڇ ڪيو ۾ 258هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي

شرڪت ڪندڙن کي داخلي سلامتي جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي طور آگاهه ڪيو ويو : آءِ ايس پي آر

فورم دهشتگردي خلاف وطن جي دفاع لاءِ بهادر سپاهين جي مسلسل قربانين کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي

فورم کي زراعت، آءِ ٽي، معدنيات ۽ دفاعي پيداوار جي شعبن ۾ فوج جي ڪردار بابت به آگاهه ڪيو ويو

حڪومت طرفان معيشت جي بحالي لاءِ منصوبابندي جي قدمن جي حمايت ڪنداسين

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي ته اسان کي پنهنجي قومي سلامتي کي پيش ڪنهن به خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي، آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب سپهه سالار جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايڇ ڪيو ۾ 258هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي. آءِ ايس پي آر بيان ته شرڪت ڪندڙن کي داخلي سلامتي جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايڇ ڪيو ۾ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي رهي آهي

”ڦٽ آيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي گرفتار ڪنداسين“ : عامر مير

9 مئي سانحي جا 58 جوابدار ملٽري ڪورٽس ۾ وڃي چڪا آهن

سوين جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪيو آهي ۽ ڪيس هلي رهيا آهن

جي ايڇ ڪيو ۽ لاهور ۾ ڪور ڪمانڊر هائوس تي حملي تي به گولي نه هلائي وئي

فيصل آباد (م ڊ) پنجاب جي نگران اطلاعات واري وزير عامر مير چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين تي 9 مئي سانحي جا 8 ڪيس آهن، وقت آيو ته ڪيس گرفتار ڪنداسين، پنهنجي بيان ۾ عامر مير جيو ته 9 مئي سانحي جا 58 جوابدار ملٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پنجاب جو نگران اطلاعات وارو وزير عامر مير

ڪعبت الله شريف جو غلاف اڄ تبديل ڪيو ويندو

ڪعبت الله جي غلاف جي تياري لاءِ 670 ڪلو ريشم استعمال ڪيو ويو

ڪعبت الله جي غلاف جي تبديلي لاءِ 15 ڄڻن کي فني تربيت به فراهم ڪئي وئي

رياض (م ڊ) ڪعبت الله شريف جو غلاف سياڻي ٻهرين محرم تي تبديل ڪيو ويندو، ڪسوه فيڪٽري جي انتظاميا موجب ڪعبت الله جي غلاف جي تياري لاءِ 670 ڪلو ريشم استعمال ڪيو ويو آهي، فيڪٽري جو چوڻ هو ته ڪعبت الله جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ جي سيني مندرن تي سيڪيورٽي هاءِ الرٽ

مندرن جي سيڪيورٽي لاءِ 400 پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي: آءِ جي سنڌ

سمورا پوليس اهلڪار انتظامي بنيادن تي سيڪيورٽي فرض انجام ڏيندا

ڪراچي (م ڊ) آءِ جي سنڌ جي حڪمن تي سڄي صوبي ۾ مندرن تي سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي آهي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جو چوڻ آهي ته/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نگران حڪومت ۾ نئي اليڪشن ٿيندي: مريم اورنگزيب

عام چونڊون آئين جي روح موجب نگران سيٽ اپ ۾ ٿينديون، موجوده حڪومت آئيني مدو پورو ڪندي

44 مهينن جي گندگي، نااهلي، چوري، مهانگائي، انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) پروگرام جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي

گذريل حڪومت آءِ ايم ايف پروگرام جي ڀڃڪڙي ڪري ملڪ کي ڏيوالپڻي جي ڪناري تي ڇڏي ڏنو

اسلام آباد: سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب جو چوڻ آهي ته عام چونڊون آئين جي روح موجب نگران سيٽ اپ ۾ ٿينديون،/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پيڪ آور شيڊيول ۾ ڪا تبديلي نه ڪئي وئي : ڪي اليڪٽرڪ ترجمان

ڪراچي (م ڊ) ڪي اليڪٽرڪ پيڪ آور جي شيڊيول ۾ تبديلي بابت گردش ڪندڙ خبرن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پرويز خٽڪ پي ٽي آءِ پارليامينٽيرين جي نالي سان نئين پارٽي ٺاهي ورتي

ڪي پي ڪي جي اڳوڻي وڏي وزير محمود خان، اڳوڻي ايم اين اي شوڪت علي ۽ ٻيا پارٽي ۾ شامل ٿي ويا

پرويز خٽڪ ڪيئي اڳوڻن ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز کي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي : ذريعا

پرويز خٽڪ کي پي ڪي 13 ايم پي ايز سان رابطو ڪيو جن مان ڇهن معذرت ڪئي

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳوڻي ليڊر ۽ خيبرپختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز خٽڪ نئين پارٽي پي ٽي آءِ پارليامينٽيرين ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، ذريعن موجب، ڪي پي ڪي جي اڳوڻي وڏي وزير محمود خان، اڳوڻي ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

10 سالن کان پوءِ ايس بي سي اي کي خبر پوندي آهي ته غير قانوني اڏاوتون ٿيون: سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ لياقت آباد، فيڊرل بي ايريا ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف 5 درخواستن تي ٻڌڻي ٿي

ڊي جي ايس بي سي اي محمد ياسين ۽ ڊائريڪٽر سينٽرل ايس بي سي اي عدالت ۾ پيش ٿيا

جڏهن اڏاوتون ٿينديون آهن تڏهن خيال ڇو ناهي ايندو؟ جڏهن ڪروڙن اربن جو خرچ ٿيندو آهي تڏهن خيال ڇو ناهي ايندو؟: جسٽس ذوالفقار علي سانگي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ غير قانوني اڏاوتن تي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي اختيارين تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته نقشا منظور ڪندا آهيو، اڏاوتون ٿي وينديون آهن ۽ پوءِ ڪيرائي ڇڏيندا آهيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ لياقت آباد./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گودام ۾ باهه جو اطلاع، سي اي او واٽر جو نوٽيس، باهه وسائڻ لاءِ ٽينڪر روانا

واٽر ڪارپوريشن جي سخي حسن ۽ صفوران هائيڊرنٽس تي ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي

هائيڊرنٽس سيل پاران حادثي واري هنڌ پاڻي سان ڀريل ڪيترائي ٽينڪرز روانا ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سائيٽ انڊسٽريل ايريا پلاسٽڪ جي گودام ۾ باهه جو اطلاع ملڻ تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ملٽري ڪورٽس ۾ شهرين جو ٽرائل، وفاقي حڪومت فل ڪورٽ جوڙڻ جي اپيل ڪري ڇڏي

ملٽري ڪورٽس ۾ عام شهرين جي ٽرائل خلاف ڪيس ۾ وفاقي حڪومت لکت جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

31 صفحن تي ٻڌل جواب اٽارني جنرل طرفان جمع ڪرايو ويو، جنهن ۾ فوجي عدالتن خلاف درخواستون نه ٻڌڻ جوڳيون قرار ڏيڻ جي اپيل ڪئي وئي

درخواست گذار هاءِ ڪورٽس سان رابطو ڪري سگهن ٿا، آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ پاڪستان جي آئين کان اڳ کان موجود آهي : وفاقي حڪومت

اسلام آباد (م ڊ) ملٽري ڪورٽس ۾ شهرين جي ٽرائل خلاف ڪيس ۾ وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ کي فل ڪورٽ جوڙڻ جي اپيل ڪري ڇڏي، سپريم ڪورٽ ۾ ملٽري ڪورٽس ۾ عام شهرين جي ٽرائل خلاف ڪيس ۾ وفاقي حڪومت لکت جواب جمع ڪرائي ڇڏيو 31 صفحن تي ٻڌل جواب اٽارني جنرل طرفان جمع ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ فوجي عدالتن خلاف درخواستون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي وزير نوابزاده شاهزين بگٽي ملاقات ڪري رهيو آهي

نگران وزيراعظم لاءِ ٻن وڏن ۾ فيصلو ٿي چڪو، اسان کي اعتماد ۾ ناهي ورتو ويو: شاهه محمود قريشي

پي ٽي آءِ چيئرمين کي عدالتن مان رليف مليو آهي، حڪومت پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف ڪوڙا ڪيس ناهي رهي آهي

حڪومت 90 ڏينهن جي چونڊن کي ترجيح ڏيندي نظر پئي اچي، چونڊن جي تاريخ اليڪشن ڪميشن کي ڏيڻي آهي

هاڻ اهو مونجهارو ناهي رهيو ته نگران وزيراعظم ڪير هوندو، ٻن وڏن ۾ فيصلو ٿي ويو، ٻين کي ڪا خبر ناهي

ملتان: پي ٽي آءِ جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي

ملتان (م ڊ) پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته نگران وزيراعظم بابت ٻن وڏن ۾ فيصلو ٿي چڪو پر اسان کي اعتماد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

تعليمي بورڊز جو پاسنگ مارڪون گهٽ ۾ گهٽ 40 ڪرڻ تي اتفاق

ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جي مسلمان شاگردن لاءِ مطالع قرآن لازمي قرار ڏيڻ تي به اتفاق ڪيو ويو

بلوچستان بورڊ هلندڙ سال انٽر بورڊ اسپورٽس ڪميٽي جو چيئرمين هوندو: ذريعا

اسلام آباد (بيورو) سڄي ملڪ جي تعليمي بورڊز ۾ پاسنگ مارڪون گهٽ ۾ گهٽ 40 ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي ملڪ جي تعليمي بورڊز جي ڪميٽي فار چيئرمينز جو ٻن ڏينهن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ 21 نڪاتي ايجنڊا تي غور ۽ اهم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي ۾ پوليس اهلڪار پاءُ ۽ پائٽي هٿان قتل

گلستان ڪالوني ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪانسٽيبل اسماعيل مارجي ويو

مقتول هيڊ ڪوارٽر گارڊن ۾ مقرر هو جهيڙي دوران فائرنگ جو واقعو پيش آيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لياري گلستان ڪالوني ۾ پوليس اهلڪار کي پاءُ ۽ پائٽين تشدد ڪري فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

تحريڪ انصاف چيئرمين توشه خانا ڪيس بابت نيب کي خط لکي ڇڏيو

مان 19 جولاءِ تي مختلف عدالتن ۾ پيش ٿيڻ لاءِ اسلام آباد ايندس : چيئرمين تحريڪ انصاف

نيب آرڊيننس موجب جوابدارن کان انڪوائري رپورٽ وصول ڪرڻ ضروري ناهي : خط جو متن

منهنجي وڪيل گوهر علي خان کي انڪوائري رپورٽ وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان توشه خانا ڪيس بابت نيب کي خط لکي ڇڏيو آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان طرفان نيب کي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته توشه خانا جاچ جي حوالي سان اڄ نيب آفيس ۾ پيش نه ٿي سگهان، منهنجي جان کي خطرو آهي جنهن سبب اڄ نيب آفيس نه اچي سگهيس، انڪوائري رپورٽ وٺي خط ۾ چيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سچل مان اغوا ڪيل شهري آزاد، ڀنگ طلب ڪندڙ 3 جوابدار گرفتار

خليل احمد پٽ ڪريم بخش کي اغوا ڪرڻ ۽ آزادي لاءِ ڀنگ طلب ڪرڻ جو الزام هنيو ويو: ايس ايس پي اي وي سي سي ذيشان صديقي

سپرهاءِ وي تي جمالي پل پرسان مين سروس روڊ تان اغوا جي الزام ۾ 3 ڄڻن کي گرفتار ڪيو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي سچل مان اغوا ڪيل شهري کي سي آءِ اي پوليس جي اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل عملي آزاد ڪرائي ورتو، جڏهن ته ڪارروائي دوران 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن ايس ايس پي اي وي سي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سانگي ڦرهو ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ مبينا زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ٽن ٻارن جي ماءُ شريمتي برمي زال پارو ڪولهي گهر اندر رسو ٻڌي مبينا طور خودڪشي ڪئي

پوليس پاران پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقا اسپتال آندو ويو

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ٽنڊو باگو لڳ سانگي ڦرهو ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، تفصيل موجب ٽنڊو باگو پرسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پرويز الاهي پنهنجي نظربندي کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ جي صدر چوڌري پرويز الاهي طرفان پنهنجي نظربندي کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو

نظربندي جو نوٽيفڪيشن عدالتي فيصلي تي اثرانداز ٿيڻ جي برابر آهي : درخواست جو متن

نظربند ڪرڻ جو ڊپٽي ڪمشنر جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو وڃي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي صدر ۽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي پنهنجي نظربندي کي عدالت ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي، پي ٽي آءِ جي صدر چوڌري پرويز الاهي طرفان پنهنجي نظربندي کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام پسند دهشتگردي ملڪ لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي: سويلا بريورمين

اسلامي دهشت گردي هڪ وڏو خطرو بڻيل آهي ۽ اهو بلڪل غير امڪاني هوندي آهي

دهشتگردي جي مختلف واقعن ۾ ملوث 169 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو هو

لنڊن (م ڊ) برطانوي گهرو وزير سويلا بريورمين چيو آهي ته قومي سلامتي لاءِ اسلام پسند دهشتگردي اڃا به سڀ کان وڏو خطرو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور هاءِ ڪورٽ، زرعي مقصدن لاءِ فوج کي ايراضي ڏيڻ کان روڪڻ جو حڪم معطل

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي ٻه رڪني بنچ زرعي ايراضي فوج کي ڏيڻ بابت سنگل بنچ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

هيلمٽ نه پائيندڙ موٽر سائيڪل سوار تي 5 هزار ڏنڊ هٽو: لاهور هاءِ ڪورٽ

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته هيلمٽ نه پائيندڙ موٽر سائيڪل سوار تي 5 هزار رپيا ڏنڊ هٽو، سڀ ليڪ ٿي ويندا لاهور هاءِ ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پاڪستان ۾ پيٽروليم شين تي لاڳو ٽيڪس جا تفصيل سامهون اچي ويا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ پيٽروليم شين تي لاڳو ٽيڪس جا تفصيل سامهون اچي ويا. دستاويز موجب پاڪستان ۾ پيٽرول جي خالص قيمت 161 رپيا في ليٽر ٿي، جنهن تي 91 رپيا 36 پئسا مجموعي ٽيڪس لاڳو آهي. اهڙي ريت ڊيزل جي قيمت 166 رپيا في ليٽر ٿئي ٿي، جنهن تي 87 رپيا 49 پئسا مجموعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان بئنڪنگ محتسب سراج الدين عزيز ملاقات ڪندي

ن ليگ پاران ايندڙ عام چونڊن ۾ ڪنهن ٻئي سياسي پارٽي سان اتحاد جي بجاءِ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو فيصلو

ڪنهن به پارٽي سان امڪاني سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو فيصلو نوازشريف پاڻ ڪندو : ذريعا

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جي مقابلي ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) سان هٿ ملائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي

عام چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪمت عملي جون تجويزون قيادت ڏانهن پهچايون ويون آهن

لاهور: (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) ايندڙ عام چونڊن ۾ ڪنهن ٻئي سياسي پارٽي سان اتحاد جي بجاءِ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو فيصلو ڪري ورتو ذريعن موجب ڪنهن به پارٽي سان امڪاني سيٽ ايڊجسٽمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گورنر سنڌ پاران ڪراچي ۾ عوام کي سستي ماني فراهم ڪرڻ لاءِ 300 تندور لڳائڻ جو اعلان

پهرين مرحلي ۾ مختلف علائقن ۾ 300 تندور لڳايا ويندا : ڪامران ٽيسوري

اسان هڪ لک نوجوانن کي آءِ ٽي جا مختلف ڪورس مفت ۾ ڪرائڻ چاهيون ٿا

گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽسوري ڪراچي ۾ عوام کي سستي ماني فراهم ڪرڻ لاءِ 300 تندور لڳائڻ جو اعلان ڪيو آهي آءِ ٽي ٽيسٽ جي افتتاحي تقريب دوران گورنر چيو ته پهرين مرحلي ۾ مختلف علائقن ۾ 300 تندور لڳايا ويندا، جن جو انگ اڳتي هلي هڪ هزار تائين پهچائيندا. هن جو چوڻ هو ته اسان عوام کي سستي ماني مهيا ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته اسان هڪ لک نوجوانن کي آءِ ٽي جا مختلف ڪورس مفت ۾ ڪرائڻ چاهيون ٿا گورنر سنڌ ڪامران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: آئل ٽينڪر ڊرائيور اغوا، ٽرانسپورٽرن جو احتجاج

جناح ڪالوني کان بلاول چورنگي تائين درجنين ٽينڪرز ۽ گاڏين جي ڊرائيورن، مالڪن ۽ ٻين ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي

24 جون تي ڪنڊڪوٽ مان خالد پناٺي نالي ڊرائيور کي اغوا ڪيو ويو آهي : احتجاج ڪندڙ

اغوا ڪندڙ ڊرائيور جي بازيابي لاءِ هڪ ڪروڙ رپيا ڀنگ طلب ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ آئل ٽينڪرز جي ڊرائيورن جي اغوا جي مسلسل واقعن خلاف ڪراچي ۾ آئل ٽينڪر مالڪن ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو ويو ڪلفٽن ۾ شيرين جناح ڪالوني کان بلاول چورنگي تائين درجنين ٽينڪرز ۽ گاڏين جي ڊرائيورن، مالڪن ۽ ٻين ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي بلاول هائوس چورنگي تي ڌرڻو هنيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

موسميات کاتي سنڌ ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

19 جولاءِ کان چوماسي هوائون سنڌ جي اوپر علائقن ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان آهي : موسميات کاتو

ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ۾ به مينهن وسي سگهي ٿو

ڪراچي (م د) موسميات کاتي هلندڙ هفتي سنڌ ۾ برسات جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو، موسميات کاتي موجب 19 جولاءِ کان چوماسي هوائون سنڌ جي اوپر علائقن ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته 19 جولاءِ جي شام کان 22 يا 23/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ورڪ ٻن سعودي ايئرلائنز کي پاڪستان ۾ اڏامڻ جي اجازت

ايئرلائنز کي پاڪستان جي مختلف شهرن کان سروس شروع ڪرڻ جي اجازت هوندي

هوابازي واري وزارت جي سمري تي وفاقي ڪابينا کان سرڪيوليشن ذريعي منظوري ورتي وئي

ڪراچي (م ڊ) وفاقي ڪابينا ٻن سعودي ايئرلائنز کي پاڪستان ۾ آپريشن جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ايئرلائنز کي پاڪستان جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پراڻي آدم شماري جي بنياد تي چونڊون قبول ناهن: خالد مقبول صديقي

اسان هر حال ۾ ڪوشش ڪئي آهي ته ڪراچي ۾ حالتون ٺيڪ ۽ امن قائم رهي

آگسٽ ۾ اسيمبليون ۽ حڪومتون ختم ٿي وينديون، اسان هن شهر جي امن لاءِ سموريون ڪوششون ڪيون آهن

22 آگسٽ 2016ع تي اسان ملڪ ۾ تاريخ رقم ڪئي، ايم ڪيو ايم پاڪستان کي نشانو بڻائيندي نظر اچي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي سربراهه خالد مقبول صديقي چيو آهي ته پراڻي آدمشماري جي بنياد تي چونڊون ناقابل قبول آهن. ڪراچي ۾ مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان سربراهه خالد مقبول صديقي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پارٽي بحريه پارٽي عوام تي بار بڻجي وئي، 2000 کان هيل تائين پارٽي نيوي 26 وڏن حادثن جو شڪار

ڪراچي (م ڊ) پارٽي بحريه پارٽي عوام تي بار بڻجي وئي، 2000 کان هيل تائين پارٽي نيوي 26 وڏن حادثن جو شڪار ٿي چڪي آهي، پارٽي رپورٽن موجب پارٽي بحريه هر پنجن سالن ۾ هڪ جنگي جهاز غفلت سبب تباهه ڪري ٿي، وڏيڪ حادثا ڪپتان جي غفلت، غير معياري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي سٽي ڪائونسل جي پهرين اجلاس ۾ ڇڪتاڻ، هڪٻئي تي الزام

سٽي ڪائونسل جي پهرين اجلاس ۾ پيپلزپارٽي ۽ جماعت اسلامي جا ميمبرز آمهون سامهون ٿي ويا

ميئر مرتضيٰ وهاب پنهنجي چيئر تي اچي ويٺو ته جماعت اسلامي جي ميمبرز قبضو ڪندڙ ميئر نامنظور جا نعرا هنيا

نعريبازي سان ڪجهه نه ٿيندو، ميڊيا ڏسي رهي آهي، اسان اجلاس هلائڻ چاهيون ٿا : مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي سٽي ڪائونسل جي پهرين اجلاس ۾ پيپلزپارٽي ۽ جماعت اسلامي جا ميمبرز آمهون سامهون ٿي ويا آهن. هڪ ٻئي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي آهي، ميئر مرتضيٰ وهاب پنهنجي چيئر تي اچي ويٺو ته جماعت اسلامي جي ميمبرز قبضو ڪندڙ ميئر نامنظور جا نعرا هنيا. جماعت اسلامي جي حافظ نعيم الرحمان چيو ته مرتضيٰ وهاب کي مينڊيٽ تي قبضو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

”پٽ ۾ شرڪت ڇو نہ ڪئي؟“ نوشهروفيروز ڳوٺ مٺو پنهور ۾ پاڳل جو معذور مامي مٿان حملو

ڳوٺ وارن پهچي جهيڙو ٽاري ورتو مامي کي گهر خالي ڪري ڳوٺ مان نڪري وڃڻ جون ڌمڪيون

نديم پنهور الهداد عبدالرزاق پنهور ۽ ٻين گهر ۾ شادي ڪاج ۾ شرڪت نڪرڻ تي تشدد ڪيو: احمد علي

مامو اسانجي حصي جي جڳهه ۾ ويٺل آهي جڏهن مرڻو پرڻو اٿڻ ويهڻ اسان سان ختم ڪري ڇڏيو: الزام هيٺ آيل

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مليائي پرسان ڳوٺ مٺو پنهور ۾ پٽ جي دعوت ۾ شرڪت نہ ڪرڻ تي پاڳل جو معذور مامي مٿان حملو ڳوٺ وارن پهچي جهيڙو ٽاري ورتو مامي کي گهر خالي ڪري ڳوٺ مان نڪري وڃڻ جون ڌمڪيون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: ڳوٺ مٺو پنهور ۾ عورتون ۽ مرد ٻيرسن تي تشدد ڪري رهيا آهن

سکر يونين آف جرنلسٽس جي
صدر سينيئر صحافي امداد بوزدار
جي پٽن تي هٿيار بندن جو حملو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر سينيئر صحافي امداد بوزدار جي پٽن خالد ۽ زاهد بوزدار تي شڪارپور ڦاٽڪ ويجهو نامعلوم جوابدارن حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمين کي علاج خاطر سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف اهڙي اطلاع ملڻ تي سکر جي صحافين ۾ سخت ڪاوڙ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پ پ عوام جي پارٽي آهي ۽ خدمت جي جذبي سان اڳتي وڌي رهي آهي: عبدالباري پتافي

صوبائي وزير مقرر ڪرڻ دوران مون پنهجي تڪ ۾ ڪروڙين رپين جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون آهن

پي ايس 19 ڏهرڪي ميرپور ماٿيلو جو تڪ گهمي ڏسو هر هنڌ منهنجون اسڪيمون توهان کي نظر اينديون

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ فشريز سنڌ سردار مير عبدالباري خان پتافي ڏهرڪي پريس ڪلب پهچي ريونيشن چونڊيل عهديدارن مبارڪباد ڏني ان موقعي تي هن چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ خدمت جي جذبي سان اڳتي وڌي رهي آهي مون پنهنجي تڪ پي ايس 19 ۾ ضلعي صدرات ڪان وٺي ضمني چونڊن ۾ ايم پي اي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اوٻاوڙو نيشنل هاءِ وي ڀرسان ڪولاچي ٽائون ۾ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

هڪ ڌر جي خالد ملڪ، عاسم ملڪ، جوڳي ملڪ، معصوم ٻارڙن سميت احتجاج ڪيو

معشوق، عاشق ملڪ، زاهد ملڪ، ممتاز ملڪ، شاهد ملڪ اسان جي گهر تي ڪاهہ ڪئي: الزام

هن معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو نيشنل هاءِ وي ڀرسان ڪولاچي ٽائون ۾ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڳوڙتي معاملي تان جهيڙو، اوٻاوڙو هڪ ڌر جي خالد ملڪ، عاسم ملڪ، جوڳي ملڪ، معصوم ٻارڙن سميت پنهنجي برادري جي بااثرن جي ظلمن زيادتين خلاف معصوم ٻارڙن سميت احتجاج ڪيو. اوٻاوڙو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن الزام مڙهيو تہ پنهنجي برادري جي بااثرن شريسند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اوٻاوڙو: ڪولاچي ٽائون واسي ملڪ برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

زاهد لاشاري هڪ بهترين استاد ۽ بي ايڇ ڊي هولڊر
آهي، ڏينهن مفت ٻارڙا پڙهائيندڙ ۾ مائٽ بي گناهہ هڪ
سازش تحت ڪيس داخل ڪرايو: راحد لاشاري

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور مڪ) لاشاري برادري“ پاران بي ايڇ ڊي هولڊر زاهد لاشاري تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف لاشاري برادري“ جو نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي واحد لاشاري ماهنور ۽ ٻين چيو تہ زاهد لاشاري هڪ بهترين استاد ۽ بي ايڇ ڊي هولڊر آهي سجو ڏينهن مفت ٻارڙا پڙهائيندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو غلام حيدر ڀرسان ڳوٺ جمعون لاشاري جو رهواسي پورهيت بيدردي سان قتل

جمعون لاشاري جو رهواسي هوٽل تي مزدوري ڪندڙ پورهيت نوجوان ڏٽي بخش قتل ٿي ويو

نوجوان کي وحشي درندن بي دردي سان قتل ڪري اسان جو ويڙهو ويران ڪري ڇڏيو آهي: والد

فوتي جو لاش گهر پهچندي ئي قيامت صغريٰ برپا هر طرف اوچنگارون ۽ روڄ راڙو متل آهي

ٽنڊو غلام حيدر (ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر ڀرسان ڳوٺ جمعون لاشاري جو رهواسي هوٽل تي مزدوري ڪندڙ پورهيت نوجوان ڏٽي بخش پٽ عارب لاشاري جو رات ديرسان راڄو نظاماڻي ٽائي ڀرسان بيدردي سان قتل وارثن لال بخش، علي احمد عارف، رضوان ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ اسان جي پورهيت نوجوان کي وحشي درندن بي دردي سان قتل ڪري اسان جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پراڻي سکر جي ميراڻي پاڙي جي رهواسين پاران گندي پاڻي جي نيڪال وارو مسئلو حل ڪرڻ جو مطالبو

ميئر ۽ ڊپٽي ميئر ڪي نمائش گرائونڊ ميراڻي محلي جي رهواسي رئيس ابڙو بلدياتي مسئلن کان آگاهہ ڪيو

ميراڻي پاڙي ۾ مين روڊ واري گٽر جي صفائي نہ ٿيڻ سبب علائقو گندي پاڻي جي ور چڙهيل آهي: رئيس ابڙو

فوري طور نوٽيس ورتو وڃي ۽ علائقي واسين کي بلدياتي سهولتون فراهم ڪري پريشاني کان بچايو وڃي: ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻي سکر جي ميراڻي پاڙي جي رهواسين ميئر سکر کي اپيل ڪئي آهي تہ گندي پاڻي جي نيڪال وارو مسئلو حل ڪيو وڃي سوشل ميڊيا تي دربيش مسئلن جي وائرل ٿيل وڊيو ۾ پراڻي سکر جي نمائش گرائونڊ ميراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: ميراڻي محلي روڊ تي گٽر جو پاڻي روڊ بيٺل آهي

ڪراچي ۾ جي يو پي اڳواڻ
محمد پارسا طاهري جو ننڍو
ڀاءُ لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (رپورٽر) جمعت علماء طاهريا سنڌ جي سينئر نائب صدر علامہ محمد پارسا طاهري جو ننڍو ڀاءُ مولانا محمد مشفق طاهري رضا الاهي سان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ۾ علامہ مفتي محمد ابراهيم طاهري پڙهائي جنهن ۾ صوبائي وزير ساجد جوکيو ايم پي اي يوسف بلوچ، جسقم سربراهہ صنعان قريشي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽي جي گهوڙاٻاري اسٽاپ تي ڪارروائي دوران ڌوهارين کي گرفتار ڪيو آهي: ڊي ايس پي ٺٽو

گرفتار ٿيل ڌوهاري گڏريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ٺٽي ۽ مڪلي شهر ۾ مختلف وارداتن ۾ ملوث هئا

ڄاڻايل جوابدار فقير ڳوٺ روڊ ڀرسان هڪ لک ٽيهہ هزار روڪ رقم ۽ ٻہ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هيا

جوابدار چورين، ڦرن سميت اسٽريٽ ڪرائم جي مختلف وارداتن ۾ ملوث هئا: عباس گاڏهي جي پريس ڪانفرنس

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڊي ايس پي ٺٽو عباس گاڏهي ايس ايڇ او ٺٽو اي ڊي پنهور - ايس ايڇ او مڪلي زاهد شيخ ۽ 15 انچارج ٺٽو حسين هيجب ايس ايس پي آفس ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ ٺٽي جي مشهور گهوڙاٻاري اسٽاپ تي گڏيل ڪارروائي دوران 125 موٽرسائيڪل سوارن جي ٽولي کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مقبول پٽ لنواري بروهي - سجاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهارو ۾ ديهہ پليجاڻي جي ڳوٺن پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس احتجاجي مظاهرو

اي سي ميرپور ساڪرو جي آفيس اڳيان ڪيمپ قائم ڪري روينيو ڪاتي خلاف ڀرپور احتجاج

ڳوٺن جي زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ٺهڻ خلاف ڳوٺاڻن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو آڏو ڪيس داخل ڪيو: مظاهرين

ڊي سي ٺٽي جي آرڊر کي رد ڪندي هڪ طرفو فيصلو جاري ڪري قديمي مقامي رهواسين جي حق تلفي ڪئي

گهارو (بشام جوکيو) ديهہ پليجاڻي جي ڳوٺن سلطان آباد ٺهير، ٽنڊو يوسف ۽ پيرعلي بخش شاهہ جيلاني جي ڳوٺاڻن اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو جي آفيس اڳيان احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري روينيو ڪاتي خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو، پير گلزار شاهہ، نور حسن پليجو، سيد عادل شاهہ، غلام مصطفيٰ هالائي، سليم هالائي، امير بخش ٺهير، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهارو: مختلف ڳوٺن جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڏوڪري ۾ عورت پاران مڙس
خلاف معصوم ٻچن سميت
صحافين اڳيان دانهون

ڏوڪري (رپورٽر) مظلوم عورت پنهنجي مڙس خلاف معصوم ٻچن سميت صحافين اڳيان دانهون بالا آفيسر کان انصاف ڪجهہ جي اپيل اي ايس آءِ ذوالفقار علي ڪجڙ جي گهرواري شاهدن صحافين اڳيان دانهيندي چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي مڙس ذوالفقار ڪجڙ کان رهائش لاءِ گهر گهريو تنهن تي هن بي بنيادي الزام هڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز ڀرسان ڳوٺ ڊاڪٽر قمرالدين پنهور ۾ گڏجاڻين جو سلسلو جاري

گڏجاڻي ڊاڪٽر قمر پرٽ جي ميزباني ۾ ٿي گذري، ايم پي اي ممتاز چانڊيو ۽ ٻيا شريڪ

اسان بلدياتي اليڪشن ۾ بہ ضلع نوشهرو سوئيپ ڪيو آهي، مخالفن وٽ پروگرام ناهي: ممتاز چانڊيو

سنڌ ۾ پ پ پ مثالي ڪم ڪريا آهن گمبٽ اسپتال ۾ هاٿي ڦڦڙن جي بہ پيوند ڪاري ڪئي وڃي ٿي

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ڀرسان ڳوٺ ڊاڪٽر قمرالدين پنهور ۾ اليڪشن ويجهو ايندي گڏجاڻين جو سلسلو جاري ان ڪڙي“ جي هڪ گڏجاڻي ڊاڪٽر قمر پرٽ جي ميزباني ۾ ٿي گذري ان گڏجاڻي جو مهمان خاص ايم پي اي پيپلز پارٽي ممتاز چانڊيو گڏن پرٽ چيئرمين يوسي دليپوٽا بابو پنهور ٺيڪيدار ياسين چانڊيو صدر ٺيڪيدار ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان ڀرسان پورهيت ڪهاڙين هٿي قتل، لاش ڳوٺ ٻاهران مليو

ڳوٺ راڄو نظاماڻي ۾ 45 ورهين جو ڏٽي بخش لاشاري ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو ويو

مزدوري بعد گهر طرف وڃي رهيو تہ نامعلوم ماڻهن ڪيس ڪهاڙين هٿي قتل ڪري ڇڏيو: ذريعا

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ويجهو پورهيت ڪهاڙين هٿي قتل لاش ڳوٺ ٻاهران مليو خبر موجب شيخ پرڪيو ويجهو ڳوٺ راڄو نظاماڻي ۾ 45 ورهين جو ڏٽي بخش لاشاري ڪهاڙين جا وار ڪري قتل اطلاع تي پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو غلام حيدر ويجهو شاهہ واهہ شاخ تان ايريگيشن جي نااهلي سبب واڍي جاري

شاخ جي ڪپرن تي بيٺل وڻ ايريگيشن جي ملي ڀڳت سان وڍي ڪٽي وڪرو ڪيا پيا وڃن

شاخ تي بيٺل پراڻن ۽ نون وڻن جي بنا منظوري ۽ ٽينڊر جي واڍي ڪري وڻ ماڻهو ڪٽڻ لڳا آهن

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر ويجهو گذرندڙ شاهہ واهہ شاخ تان ايريگيشن جي نااهل عملي جي نگراني هيٺ شاخ جي صفائي جو جواز ڄاڻائي قيمتي وڻن جي واڍي زورشور سان جاري آهي شاهہ واهہ شاخ جي ڪپرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو غلام حيدر: شاهہ واهہ شاخ تان غيرقانوني واڍي ڪيل وڻن جو ڏيک

گهوٽڪي پرامن ضلعو آهي هتي بدامني جي ڪا بہ گنجائش ناهي: بابر لنڊ

پارا برادري جي ٻن هارين مغوي عمر ۽ مشتاق پارو جي اغوا واري معاملي تي ڳنڍتي آهي

پوليس ڌوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي ڌوهارين خلاف ڪارروائيون جاري آهن

سرحد (رپورٽ:غلام عباس مهر) پ پ ضلعي گهوٽڪي جي صدر ۽ ضلعي وائيس چيئرمين مير بابر لنڊ گهوٽڪي ضلعي ۾ بدامني جي ٻريل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊوباگو لڳ 3 ٻارن جي ماءُ مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

گهرو پريشانين سبب 29 ورهين جي برمي زال پارو ڪولهي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال پهچايو

ٽنڊوباگو (رفاقت جرول) ٽنڊوباگو لڳ سانگي قرهو ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، تفصيل موجب ٽنڊوباگو ڀرسان سانگي قرهو ۾ گهرو پريشانين سبب 29 ورهين جي شادي شده ٽن ٻارن جي ماءُ شريتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ناروشاهہ ۾ شاگرد جي نازيبا وڊيو وائرل ٿيڻ وارو معاملو: ساجاهہ وندن پاران احتجاجي مظاهرو

سياسي سماجي تنظيمن سول سوسائٽي پاران ٻيا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ايس يو پي، ايس ٽي پي، پ پ پ دڪاندار ايسوسيئيشن جسقم جي ڪارڪنن پاران مظاهرو ڪيو

ناروشاهہ (رپورٽر) ڪي ڏينهن اڳ شاگرد نوجوان خليل الرحمان مغل جو نازيبا وڊيو وائرل ٿيڻ وارو معاملو ناروشاهہ ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ناروشاهہ: نوجوان شاگرد خليل الرحمان مغل واقعي خلاف ڪيل احتجاج جو ڏيک

ايوب ڳوٺ مان چور 3 مڻ ڪير چوري ڪري ويا، بدامني خلاف دڪاندارن جو احتجاج

ڪير دڪان تي رکي ويس تہ ٻويان چور 3 مڻ ڪير ٽانڪي سوڌو چوري ڪري ويا آهن: مالڪ

بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي پوليس چوري جي وارداتن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايوب ڳوٺ مان چور 3 مڻ ڪير چوري ڪري ويا دڪاندارن جو احتجاج ڪراچي جي علائقي نورخان مان چور 3 مڻ ڪير ٽانڪي سميت چوري ڪري ويا، دڪاندار عمر دل طالب دل ٻڌايو تہ رات جي وقت ڪير وارو جيئن ئي ڪير دڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽائون ڪميٽي دريا خان مري سال 2023 / 2024 جي 17 ڪروڙ 35 لک بجيٽ پيش

سال 24_2023 جي بجيٽ چيئرمين ٽائون ڪميٽي درياخان مري ابراهيم بزنجو پيش ڪئي

علي نواز مري ڪائونسلر اسد خاصخيلي جي ڪائونسلر ٻيجا رام ۽ ڪائونسلرن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ٽائون ڪميٽي درياخان مري سال 2023 / 2024 جي ٽوٽل بجيٽ سترهن ڪروڙ 35 لک اوڻٽيهہ هزار هڪ سئو پنجٽيهہ رپيهہ 173529135 چيئرمين ٽائون ڪميٽي دريا خان مري ابراهيم بزنجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز: ٽائون ڪميٽي دريا خان مري ۾ بجيٽ پيش ڪئي پئي وڃي

صفائي سٿرائي جي نظام ۾ بهتري وقت جي اهم ضرورت آهي: نذير پتو

هر شعبي ۾ جدت اچي رهي آهي، پراڻن طريقن سان معاملا هلائڻ ناانصافي جي برابر آهي

پراڻين لائينن جي جڳهہ تي نيون لائينون لڳايون وينديون ۽ شهرين کي صاف پاڻي فراهم ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين نذير احمد پتو چيو آهي تہ صفائي سٿرائي جي نظام ۾ بهتري وقت جي اهم ضرورت آهي، هر شعبي ۾ جدت اچي رهي آهي، پراڻن طريقن سان معاملا هلائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سائيٽ انڊسٽريل ايريا پلاسٽڪ جي گودام ۾ باهہ جو اطلاع ملڻ تي ايمرجنسي لاڳو

واٽر ڪارپوريشن جي سخي حسن ۽ صفوران هائيڊرنٽس تي ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي

هائيڊرنٽس سيل پاران حادثي واري هنڌ پاڻي سان ڀريل ڪيترائي ٽينڪرز روانا ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سائيٽ انڊسٽريل ايريا پلاسٽڪ جي گودام ۾ باهہ جو اطلاع ملڻ تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران فوري طور نوٽيس وٺندي واٽر ڪارپوريشن جي سخي حسن ۽ صفوران هائيڊرنٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

محرم الحرام جي سلسلي ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ ٽائون ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي گذري

ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين امير سلطان چانڊيو اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري شريڪ

محرم جي موقعي تي مجلسن ۽ جلوسن دوران بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي ويندي: اي سي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) محرم الحرام جي سلسلي ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين امير سلطان چانڊيو اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري ايس ايڇ او ٽنڊو غلام حيدر يعقوب جکرو سابق تعلقہ ناظر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو غلام حيدر: محرم الحرام جي حوالي سان ڪوٺايل گڏجاڻي ۾ اي سي ۽ ٻيا شريڪ آهن

ڪمشنر شهيد بينظير آباد پاران مورو جي سول اسپتال ميونسپل ڪاميٽي جو دورو

چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نذير احمد ميمڻ ايم ايس سول اسپتال غلام قادر چانڊيو شريڪ

ڪمشنر نوابشاهہ سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ سميت ٻارڙن جي وارڊ جو دورو ڪيو ۽ جائزو ورتو

صفائي سٿرائي جا بهتر انتظام هجڻ لازمي آهن ۽ شهر اندر سيڪيورٽي کي پڻ يقيني بڻايو وڃي: ڪمشنر

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪمشنر شهيد بينظير آباد (نوابشاهہ) عباس بلوچ پاران مورو جي سول اسپتال ميونسپل ڪاميٽي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس جو دورو ڪيو ويو ان موقعي تي چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نذير احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: ڊويزنل ڪمشنر ۽ ٻيا عملدار سول اسپتال جو دورو ڪري رهيا آهن

سنڌ ماضي ۾ خوشحال زرعي ملڪ رهيو آهي، اديب
پنهنجين ذميوارين کي وقت سر نڀائي نہ تہ تاريخ ڪيس
ڪڏهن معاف نہ ڪندي: رحيم بخش مهر

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ماضيءَ ۾ خوشحال زرعي ملڪ رهيو آهي ـ سنڌ جي معاشي سياسي ۽ زرعي طور ترقي لاءِ پاڻ کي پتوڙڻو پوندو. اهڙو اظهار سنڌ جي مشهور پورهيت اڳواڻ ۽ سماج سڌارڪ رحيم بخش مهر سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي هفتيوار دستوري گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي ڪيو. هن چيو تہ سنڌ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز ۾ محرم الحرام ويجهو ايندي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو پاران گڏجاڻي منعقد

انجمن حسيني مورو جنرل سيڪريٽري سيد بابر علي شاهہ، سيد محسن علي شاهہ ۽ ٻيا شريڪ

سيد گلڻ شاهہ، ڪاشف علي ٻرڙو ۽ اهل سنت والجماعت اڳواڻ بدر الدين ميمڻ ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) محرم الحرام ويجهو ايندي پي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسان ظفر پاران اهم گڏجاڻي ڪوٺايي وئي جنهن ۾ مختلف ڊيپارٽمينٽس جي آفيسرن ۽ انجمن حسيني مورو جنرل سيڪريٽري سيد بابر علي شاهہ، سيد محسن علي شاهہ، جاويد علي ڪانڌرو، سيد گلڻ شاهہ، ڪاشف علي ٻرڙو ۽ اهل سنت والجماعت اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڏڙو ۾ زرعي پاڻ جي هترادو ڪوٽ خلاف آبادگار تنل اُس ۾ روڊن تي اچي ويا، احتجاجي مظاهرو

پاڻ جي هترادو ڪوٽ ۽ اڳهن ۾ واڌ خلاف آبادگار سراپا احتجاج بڻجي روڊ تي نڪري آيا، ريلي ڪڍي وئي

آبادگارن ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن نظام ميمڻ، رشيد آزاد سومرو جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو

سارياڻي فصل کي وقت سر پاڻ نہ لڳڻ ڪري اپت گهٽ لهڻ جو امڪان آهي، آبادگارن کي نقصان بچايو وڃي: مظاهرين

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ زرعي پاڻ جي هترادو ڪوٽ خلاف آبادگار تنل اُس ۾ روڊن تي اچي ويا، احتجاجي مظاهرو، ڏرڻو، ڏڙو، ميرپوربٺورو، حيدرآباد روڊ ڪيترائي ڪلاڪ بند، تفصيل موجب سجاول ضلعي ۾ پاڻ جي هترادو ڪوٽ ۽ اڳهن ۾ واڌ خلاف آبادگار سراپا احتجاج بڻجي روڊ تي نڪري آيا، ڏڙو ۾ آبادگارن ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏڙو: زرعي پاڻ جي هترادو ڪوٽ خلاف آبادگار ۽ سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر سول ڊفينس آرگنائيزيشن
جو اجلاس، محرم ۾ فرسٽ ايڊ
ڪيمپ لڳائي ويندي: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) سول ڊفينس آرگنائيزيشن جو اجلاس سول ڊفينس آفيس سکر ۾ ايڊيشنل ڪنٽرولر اميرالدين عباسي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. جنهن ۾ هر سال جيان محرم الحرام ۾ هن سال بہ عزادارن حضرت امام حسين رضي الله عنہ کي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ لاءِ فرسٽ ايڊ ڪيمپ لڳائي ويندي، 5 محرم الحرام تي پراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

آءِ جي رشوت وٺڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ تي ايس ايڇ او سچل ڳوٺ کي معطل ڪري ڇڏيو

ايس ايڇ او چوڌري سليم جي بلڊر کان رشوت وٺڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ جو نوٽيس آءِ جي ورتو

چوڌري سليم کي معطل ڪري پوليس هيڊڪوارٽر بي ڪمپني گارڊن رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

12 کان وڌيڪ هٿيار بند شاهنوار شر ڳوٺ جي پارڪ ۽ وائيٽ هائوس وٽ هر اينڌڙ ويندڙ ماڻهن کان ڦر ڪندا رهيا

ڪراچي (باغي ساگر پهنوار) ڪراچي آءِ جي سنڌ رشوت وٺڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ جو نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او سچل ڳوٺ کي معطل ڪري پوليس هيڊڪوارٽر بي ڪمپني گارڊن رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو خبر موجب ڪراچي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ايس ايڇ او سچل ڳوٺ چوڌري سليم جي هڪ بلڊر کان رشوت وٺڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ جو نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او سچل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

وارهہ محلا خان محمد ميرجت وارڊ نمبر 10 جي مين گهٽي جو تعميراتي ڪم نہ ٿيو

محلي واسين طرفان ڊاڪٽر دريا خان ميرجت فرحان ڪاڪيپوٽو، جيڪال ڪلهوڙو پاران ريلي

مين گهٽي جو پنجٽيهہ سالن کان ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ سبب اتان گذر ڪرڻ عذاب بڻيل آهي: اڳواڻ

نوٽيس وٺي محلا خان محمد ميرجت جي مين گهٽي نهرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي: ڳالهيون

وارهہ (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهہ محلا خان محمد ميرجت وارڊ نمبر 10 جي مين گهٽي جو تعميراتي ڪم ٽينڊر ٿيڻ باوجود بہ ڪم شروع نہ ٿي سگهيو محلي واسين طرفان ڊاڪٽر دريا خان ميرجت فرحان ڪاڪيپوٽو، جيڪال ڪلهوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

وارهہ: ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي
بي حرمتي ڪرڻ خلاف جي
يو آءِ خانپور پاران احتجاج

خانپور (عتيق ابڙو) سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف جي يو آءِ خانپور پاران ناڪا ٿو ڪان پرامن احتجاجي ريلي، ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي ريلي جي اڳواڻي مولانا غلام قادر بروهي، مولانا عنايت الله بروهي، مولانا عبدالله هڪڙو ڪئي سوئيڊن حڪومت قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي تحريڪ نسوان جي وفد کي نئون ديرو ۾ آجياڻو، ثقافتي سوکڙي اجرڪ اوڍايا ويا

شيما ڪرماني، ڪيلم دراني، خالده ذلف پيرزادو، علي شان، عمران عدنان، محمود پٽي، نينا شريڪ

هتان جي ماڻهن ۾ شعور ۽ سجاڳي ڏسي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي: شيما ڪرماني

اسان جي سماج ۾ عورتن کي گهريل حق نٿا ڏنا جيڪي ڏيڻ گهرجن ۽ اهو پيغام عام ٿيڻ جي ضرورت آهي

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) تحريڪ نسوان جي وفد کي آجياڻو ڪراچيءَ کان نئون ديرو کهي آيل تحريڪ نسوان جي وفد کي نئون ديرو ۾ منظار سولنگي اڪيڊميءَ پاران آجياڻو ڏنو ويو تحريڪ نسوان ڪراچي گروپ جي اڳواڻن شيما ڪرماني، ڪيلم دراني، خالده ذلف پيرزادو، علي شان، عمران عدنان، محمود پٽي، نينا، ٽوينا، انوار، حارث، شازيہ عدنان ۽ ٻين تي مشتمل وفد نئون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف جي يو آءِ خانپور پاران احتجاج

پرامن احتجاجي ريلي جي اڳواڻي مولانا غلام قادر بروهي، ۽ حافظ عبدالله هڪڙو ڪئي

اظهار جي آزادي جي آڙ ۾ ڪلام الله جو توهين ڪري مسلمانن جي جذبات سان ڪيڏيو ويو: مظاهرين

حڪومت کي گهرجي تہ سوئيڊن جي سفير کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي نہ تہ احتجاج وسيع ڪنداسين

خانپور (رپورٽ عتيق ابڙو) سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف جي يو آءِ خانپور پاران پرامن احتجاجي ريلي ناڪا تو ڪان ڪڍي وئي سوئيڊن خلاف پرامن احتجاجي ريلي جي اڳواڻي مولانا غلام قادر بروهي، حافظ عبدالله هڪڙو مولانا عنايت الله بروهي، حافظ عبيدالله بروهي جن ڪئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب خانپور پهتي سوئيڊن حڪومت قرآن پاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانپور: جي يو آءِ پاران سوئيڊن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۽ پرپاسي ۾ سئي گئس
جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ
جو سلسلو جاري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۽ پرپاسي ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري، شهري پريشان، هوٽلن تي رش، خبرموجب سئي سدرن گئس ڪمپني پاران اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب گئس جي فراهمي بند ڪئي پئي وڃي، سکر شهر جي مختلف علائقن ۾ گئس جي فراهمي بند هجڻ سبب شهري سخت پريشان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

اوٻاوڙو ۾ جمعيت علماءِ اسلام پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف احتجاجي مظاهرو

محمد اسحاق لغاري مولانا غلام ياسين رند جي اڳواڻي ۾ قاسم العلوم حماديہ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مولانا محمد صديق جتوئي مولانا بشير احمد شر مولانا عبدالمجيد پيو مولانا عبدالحفيظ سميجو ۽ ٻين پاران شرڪت

گتو کولي مستقبل جاڻي ڳجهي هٿ سان تباهہ ڪيو پيو وڃي ۽ جيڪو اسان هرگز ڪڏهن برداشت نہ ڪنداسين: مظاهرين

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو ۾ جمعيت علماءِ اسلام پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ۽ اوٻاوڙو ۾ شراب جي گٽي کلڻ خلاف مولانا محمد اسحاق لغاري مولانا غلام ياسين رند جي اڳواڻي ۾ قاسم العلوم حماديہ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جڏهن تہ مين چوڪ تي ڌرڻو هڻي نتهن اس ۾ سخت احتجاج دوران مولانا محمد صديق جتوئي مولانا بشير احمد شر مولانا عبدالمجيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 18 جولاءِ 2023ع

'پوليس آپريشن': ڪنڌو لڳو پير ۾، ڪوتجي پيو ڳوڏو

سمجهه ۾ نٿو اچي ته انتظاميا جو ڌاڙيلن سان ڪهڙو اڻ اعلانيل اتحاد آهي، جو انهن کي سنڌ جي اڌ درجن اترئين ضلعن ۾ 'فري هينڊ' مليل آهي. اهي جڏهن به چاهين، جتان به چاهين، ماڻهو اغوا ڪريو وڃن. جهنگ، روڊ رستا ته پري جي ڳالهه، ماڻهو ڌاڙيلن کان پنهنجن گهرن ۾ به محفوظ ناهن. هاڻي صورتحال اتي وڃي پهتي آهي، جو شهرن ۾ پنهنجن گهرن اڳيان، گهٽين ۾ راند ڪندڙ معصوم ٻارڙن کي به اغوا ڪيو وڃي ٿو. ڏوهاري راڪاس قانون کان ڏاڍا آهن. اجان پريا ڪماري، فرحان سومرو ۽ ٻيا ٻارڙا بازياب نه ٿي سگهيا آهن ته ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٿول پلازا ويجهو 5 سالن جي معصوم نياڻيءَ کي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربند اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن. هٿياربند ڏوهاري شهرن ۾، وسندين ۾ بنا روڪ رنڊڪ جي ٻيا هلن پر اهي چڪاس جا اسپيڊ بريڪر ڪيئن ٽپي پار ڪري واردات ڪري فرار ٿي وڃن، جو پڪڙجن نٿا. ڇا انهن کي سليماني ٽوپيون پاتل آهن. يا قانون سماعت ۽ بصارت کان محروم ٿي ويو آهي؟!

اهو سوال قديم زمانن جو آهي ته، "عقل وڏو يا مينهن وڏي؟" ۽ هاڻوڪي زماني جو سوال اهو آهي ته، "قانون وڏو يا ڌاڙيل وڏا؟" ان سوال جي جواب لاءِ ڪي وڏا ضخيم ڪتاب پڙهڻ يا گوگل جي جيءَ ۾ جهاتي پائڻ جي ضرورت ناهي. ان جو جواب به سنڌ جي امن امان واري صورتحال مان واضح آهي. هڪ طرف رياست ۽ ان جي طاقت آهي ته ٻئي طرف ڪشمور_ ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ وارداتون ڪندڙ ڌاڙيلن جا 6 ٽولا آهن. جن ۾ وڏ ۾ وڏ به ٽيهارو کن ڌاڙيل آهن. جن پوليس کي گِيسيون ڪرائي ڇڏيون آهن. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته ڏوهه سرپرستيءَ جي ڇٽيءَ جي هيٺان اسري ۽ نسري ٿو. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته اگر ڌاڙيل "ننڍڙا" هجن ها ته ڇا اهي رياست سان مهاڏو اٽڪائين ها؟ هن وقت هونئن ته 6_7 اتريان ضلعا امن لاءِ سِڪي ويا آهن، پر خاص طور تي ڪشمور_ ڪنڌڪوٽ ضلعو بدامنيءَ جي باهه ۾ ٻري رهيو آهي. جتي جي سورمي پوليس ڪماني پوتارن جي درن تي نڪ گسائي، پنهنجن پوليس وارن کي ته ڌاڙيلن سان ڊيل ڪري آزاد ڪرائي ورتو آهي پر معصوم مغوي فرحان سومرو ان کان وسري ويو آهي. خبرن موجب، موجوده پوليس ڪمانيءَ جي ان ضلعي ۾ مقرريءَ وارن ڇهن مهينن دوران 250 ماڻهو اغوا ٿي چڪا آهن. ۽ هن وقت به 30 ماڻهو ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن. "پوليس پراڊڪشن هائوس" ۾ جيڪي ناٽڪ تيار ٿين ٿا، انهن مان هڪڙو "آپريشن" وارو ناٽڪ پڻ آهي. ڪٿي پيو آپريشن ٿئي؟ ڪهڙي گهه تي پيو آپريشن ٿئي؟ ڪنهن جي خلاف پيو آپريشن هلي؟ سنڌ ۾ ڌاڙيلن ته معصوم ٻارڙن کان ٻاروتڻ کسي ورتو آهي، ٻارڙا گهٽين ۾ راند روند به نٿا ڪري سگهن. ڌاڙيلن خوف ۽ ڌهڪاءَ وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ضلعي جي پوليس ڪمانيءَ جي وس جي ڳالهه نه رهي آهي ته اهو پوليس جي ناڪاميءَ جو اقرار ڪري مَنجو ڇڏي! باقي سنڌ پوليس جو سربراهه آءِ جي بهادر ته ڌاڙيلن تي ڪک به نٿو سهي. جڏهن ڌاڙيلن خلاف رينجرز ۽ فوج جي مدد سان آپريشن جو مطالبو ڪجي ٿو ته آءِ جي چوي ٿو ته پوليس پاڻ آپريشن ڪندي ۽ پوليس ڪهڙو آپريشن پئي ڪري، اهو ته پوليس اهلڪارن جي اغوا ۽ پوتارن جي سهڪار سان انهن جي واپسيءَ مان ئي ظاهر آهي!

هن وقت سنڌ ۾ جيڪا انتظامي ڪارڪردگي آهي، سا ان چوڻيءَ جهڙي آهي ته، "ڪنڊو لڳو پير ۾، ڪوتجي پيو ڳوڏو". سنڌ سان به اهوئي پيو ٿئي. ڌاڙيلن کي واهڻن ۽ وسندين، شهرن ۾، شاهراهن تي وارداتون ڪرڻ جي ڄڻ راهداري مليل هجي! عوام جو تحفظ رياست جي آئيني ذميواري آهي، اها ڇو نه پئي پوري ڪئي وڃي؟ حڪمران نشين چونڊن جي تيارين ۽ جوڙ ٽوڙ وارين مصروفيتن ۾ آهن، اهڙي صورتحال ۾ عوام جي تحفظ وارو آئيني فرض ڪير پورو ڪندو؟ ان ڪري نا اهليءَ جو مظاهرو ڪندڙ پوليس انتظاميا کان سخت پڇاڻو ڪيو وڃي، ڏوهارين جي سرپرستي ڪندڙ اشرافيه کي ناڪيلي وڏي وڃي.

صوفيءَ سيرُ سِين ۾، جئن رڱن ۾ ساهه:
سا نه ڪري ڳالهڙي، جئن پوين پروڙي پساهه:
آهِس اِيُ گناهه، جي ڪا ڪَري پَڌِري

ملڪ جي صورتحال ۽ سنڌ لاءِ سوال

اعجاز منگي

سنڌ جي گرم شهر جو سرگرم انقلابي ۽ جهونو صحافي عبدالڪريم گدائي هڪ عوامي شاعر به هو جڏهن ايوبي دور ۾ اڳيان هينڊل هلائي اسٽارٽ ڪيون ويندڙ آمريڪا جون سائي رنگ واريون وليز (Willics) جيپون سنڌي ڳوٺن جي ڪچن رستن مٿان ڌوڙ جا ڪڪر ڪنا ڪنديون نظر اينديون هيون ته عام ماڻهو بنا اخبار ۽ ريڊيو جي سمجهي ويندا هئا ته "وڏيرا چونڊ مهر تي نڪتا آهن".
هي اهوئي دور هو جڏهن ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جا نظرياتي ساٿي هارين ۾ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٻني ٻني سِني ورتل لائوڊ اسپيڪر تان پنهنجو پيغام ان نظم جي صورت پيش ڪندا هئا ته:
"نه اچڻا نه وڃڻا
هي لاچار آيا
ڪٿي سبز نوٽن جا انبار آيا
ڪرڻ توسان ووٽن جو واپار آيا
خبردار! هاري جو پوتار آيا"
جيتوڻيڪ اهو نظم ملڪي تاريخ جي ان سياسي مقام ۾ گهڻو وقت اڳ ئي دفن ٿي چڪو هو جنهن مٿان هاڻي پارلياماني جمهوريت جي پلازا ٺهيل آهي. هاڻي ته ڪنهن کي اهو ياد به نه رهيو آهي ته ڪنهن وقت عوام ۾ انقلابي سجاڳي پيدا ڪرڻ جي لاءِ عملي طور تي واهڻ واهڻ ۽ وستي وستي "هوشيار" ۽ "خبردار" جا هوڪا ڏنا ويندا هئا.
پر پنهنجي دور جو هن مهل تائين سار ۾ ساندل اهو سياسي نظم گهٽ ۾ گهٽ اهو پتو ضرور ڏئي ٿو ته، "اليڪشن کي ووٽن جو واپار بڻائڻ وارو ڌنڌو نئون ناهي" پر هن وقت جيڪا هن ڪڌي ڪاروبار ترقي ڪئي آهي، ان جو ڪو تصور به ڪري نه ٿو سگهجي.
هن دور ۾ سياست مڪمل طور تي هڪ بزنس بڻجي چڪي آهي. اهڙي بزنس، جنهن ۾ ڪنهن به عوامي جذبي ۽ انقلابي احساس جي ڪا گنجائش نه رهي آهي. ان ڪري ويندڙ حڪومت جي حڪمرانن ۽ انهن جي وزيرن مشيرن ۽ واٽن کي ڪو فڪر ئي ناهي ته ايندڙ دور ۾ اقتدار جون واڳون ڪنهن وٽ هونديون؟ سڀني کي اهو يقين آهي ته ساڳيا فنڪار، ساڳيا بينڊ باجا وڄائي ووٽ وٺي ويندا. جيتوڻيڪ انهن کي معلوم آهي ته ڪين اهڙن جلسن ۽ اهڙين ڪارنر ميٽنگن جي قطعي ضرورت ناهي، ڇو ته چونڊن ۾ هيٺ کان وٺي مٿي تائين صرف ۽ صرف پئسو هلندو يعني ڪنهن اميدوار وٽ جيڪڏهن "پارٽي فنڊ" جي نالي ۾ ايترا ڏوڪڙ آهن جو هو مخالف کان وڌيڪ قيادت جا کيسا ڀري سگهي ته هن کي ٽڪيٽ جي سلسلي ۾ گهٻرائڻ جا ڪا ضرورت ناهي. جڏهن ته ٽڪيٽ ملڻ کان پوءِ ووٽ خريد ڪرڻ جو ڪم به ان اميدوار جو ئي هوندو. جنهن کي جديد دور ۾ اليڪٽيبل (Electable) ڪوٺيو ويندو آهي. هي اهو دور ناهي، جنهن دور ۾ پاپولر پارٽيون چونڊيون هيون ته جيڪڏهن اهي ڪنهن بجليءَ جي پول کي به پنهنجي پارٽي ٽڪيٽ ڏينديون ته مخالف اميدوار جي پيٽ ۾ هن جي فتح اٽلر آهي. سنڌ ۾ ڪڏهن ان قسم جي دعويٰ ڪندڙ سياسي ڌر اها پيپلز پارٽي هئي. جيڪا ڪشمور کان وٺي ڪشمير تائين عوام جي دلين تي اعتبار ۽ پيار جي حوالي سان راڄ ڪندي هئي پر پيپلز پارٽيءَ جهڙي سگهاري سياسي ڌر جهڙي ريت ڪمزور ٿيندي ۽ مسلسل گهٽبي، نديءَ مان نالي بڻجي وئي، ان بعد اهو غرور ۽ اهو تڪبر جنهن ليڊر جي چوڌاري چمڪيو. اڄ ان جو نالو کڻڻ ڪجهه مشڪل به بڻجي ويو آهي پر ان جي نالي کڻڻ جي هن مهل ضرورت به
ڪهڙي آهي؟ اردوءَ جي هڪ شاعر ڪيترو نه ڪمال جو شعر لکيو آهي ته:
"مين اس ڪا نام نه لون، قريبي لوگ پهچانين،
ڪه تعارف آپ هي اپنا، هوا بهار ڪي هي"
جڏهن ته بقول فراز اسان صرف بهار تي اهڙو الزام هڻي نه ٿا سگهون. ڇو ته خزان جي هوا به ته پنهنجو تعارف پاڻ هوندي آهي. اها هوا، جنهن جي هلڻ سان وڻن جا پن ڇڻ ڇڻ ڪندا پٽ تي وڄندڙ پايل بڻجي وڃن، اها خزان جي هوا، اها سرءُ جي موسم به ته پنهنجو تعارف پاڻ هوندي آهي.
پاڪستان جو اهو مغرور سياستدان، جيڪو اقتدار مان آئوٽ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ کي عام ليبر ڪان وڌيڪ سمجهڻ لڳو هو اڄ هن جي لهجي ۽ هن جي لفظن ۾ للڪار بدران جيڪا هار جي پڪار پيدا ٿي وئي آهي، اهڙي صدا ته صرف فقير ئي هڻندا آهن.
بس! ان وقت جوئي ته انتظار هو، ملڪ جي انهن سياسي واپارين کي، جيڪي هن مهل اقتدار مان آئوٽ (Out) ٿيندي به مڪمل طور تي ان (In) محسوس ٿي رهيا آهن. جڏهن ته قاسم جو ابو ڪنهن گوري صحافيءَ پاران پڇيل سوال جي جواب ۾ اهو چوندي پڌو وڃي ٿو ته "مون کي اها پڪ ناهي ته منهنجي نااهل ٿيڻ جي صورت ۾ منهنجي پارٽيءَ کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت حاصل هوندي يا نه ..!!"
ان ڪيفيت کي ان سنڌي بيت جي صورت ۾ ڪيتري نه سر سان جهونگاري سگهجي ٿو ته:
"اڳي اٿين هياس، جو پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي اٿين ٿياس، جو جت نه نينم پاڻ سين"
ملڪ ۾ ان قسم جو ماحول پيدا ٿيڻ جو سڀ کان وڌيڪ فائدو ان ڌر کي پهچي ٿو جنهن جي مرضيءَ کان سواءِ پاڪستان جي سياسي چمن جو ڪو پن به چري پري نه ٿو سگهي. هن مهل جڏهن بقول جيڪب آباد جي هڪ جيالي جي ته، "پيرتي ڏونڪو لڳي چڪو آهي". جڏهن چونڊن آفيشل کان اڳ ئي عملي اعلان ٿي چڪو آهي ته ان وقت ملڪ جي ڳڏيل گورنمينٽ جي ٻن وڏين پائيوار ڌرين جي وچ ۾ ٻيو ڪو خاص تڪرار ناهي، سواءِ ان جي ته اسيمبليون ٽوڙجن يا تحليل ٿيڻ ڏجن؟ ان اختلاف جي وچ واري تڪرار جو مدو به ته هڪ مهينو آهي. پر هن پيري پيپلز پارٽي پنجاب ۾ پيدا ٿيل سياسي خال مان پنهنجي لاءِ ڪجهه وڌيڪ مال ميڙڻ جي جيڪا خواهش رکي هئي، ان کي 'ن' ليگ جي ان فيصلي ختم ڪري ڇڏيو آهي ته مياں نواز شريف جي نالي واري مسلم ليگ هن پيري به چونڊن ۾ اڪيلي سر لهندي. جڏهن ته پنهنجي اتحادي جماعت جي گهٽي گوڙ ڪرڻ تي هن وقت اها ڌمڪي به تيار رکي آهي ته پيپلز پارٽيءَ پاران جيڪڏهن پنجاب ۾ اجايو ٻائيتال مچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته پوءِ مسلم ليگ (ن) کي هن پيري ان سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان ڪو به روڪي نه ٿو سگهي، جيڪا وڏي وقت کان وٺي مسلم ليگ (ن) جي لاءِ پاڻ مرادي "نوگو ايريا" قرار ڏنل آهي. جڏهن ته ان سلسلي ۾ مسلم ليگ (ن) جا سنڌي اڳواڻ تمام گهڻيون رڙيون ڪوڪون ڪري ماٺ ٿي ويا آهن پر هن پيري وري پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجي حد ۾ رکڻ لاءِ ميان صاحب ۽ مريم نواز جي سنڌي سپاهين کي اسلام آباد گهرايو وڃي ٿو ۽ انهن کان نالي ماتر ئي سهي پر صلاحون ۽ مشورا ڪيا وڃن ٿا ته ڇا سنڌ ۾ مسلم ليگ (ن) جي لاءِ سوڀ حاصل ڪرڻ جو ميدان موجود آهي؟
سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ ته مسلم ليگ (ن) کي چوند وڙهڻ کان ڪير به روڪي نه ٿو سگهي. پهرين ان سلسلي ۾ ايم ڪيو ايم (پ) پنهنجي احتجاج کي پنڊيءَ تائين ڪٺي وڃي. ڇو ته پي ٽي آءِ جي ٽوڙ ڦوڙ سبب ڪراچيءَ ۾ جيڪو اسپيس پيدا ٿيو آهي، ان کي حاصل ڪرڻ کي هر ڌر پنهنجو حق سمجهي ٿي. مسلم ليگ (ن) جو اهو خيال آهي ته اها ڪراچيءَ مان ڪجهه نه ڪجهه سيٽون ڪڍي ويندي. جڏهن مخصوص صورتحال سبب ڪراچيءَ کي پنهنجو آدي بنيادي سياسي ڳڙهه سمجهڻ واري ايم ڪيو ايم پنهنجي تنظيمي وجود ۾ "متحد" نه هجڻ سبب هن مهل به ان خوف جو شڪار آهي ته هن کي ان شهر ۾ تاريخي شڪست ملي سگهي ٿي، جنهن شهر کي هلائڻ لاءِ انهن جو هڪ اشارو ئي ڪافي هوندو هو.
پاڪستان جي سياست ۾ عروج ۽ زوال جا سبب صرف سياسي نوعيت جا نه هوندا آهن. انهن ۾ ٻيا به گهڻا فيڪٽر فرق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر هن پيري به ملڪ جي اهم ۽ اليڪشن وڙهڻ جي اجازت حاصل ٿيل پارٽين کي پريشاني آهي ته هو نالي ماتر ئي سهي پر ايندڙ چونڊن ۾ ڪهڙي ايجنڊا کي عوام جي آڏو پيش ڪن؟ مسلم ليگ (ن) کي معلوم آهي ته هن جي حڪومت ويندي ويندي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت کي نالي ماتر گهٽ ڪرڻ جي صورت ۾ گهڻا ووٽ حاصل ڪري نه ٿي سگهي. جڏهن ته پيپلز پارٽي پنهنجي نڪ جي پوري پڪائيءَ سان سنڌ ۾ ڪيل حڪمرانيءَ کي پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ فخر سان پيش ڪري رهي آهي ۽ چئي رهي آهي ته اها ٻين صوبن جي عوام جي به اهڙي خدمت ڪندي، جهڙي هن سنڌ جي عوام جي ڪئي آهي. جڏهن ته سوشل ميڊيا تي ان قسم جي دعويٰ تي اهو ردعمل پيش ٿي رهيو آهي ته، "پيپلز پارٽي صرف اهو ٻڌائي ته ان قسم جو بيان پاڪستان جي ٻين صوبن جي لاءِ دلاسو آهي يا ڌمڪي؟" ممڪن آهي ته هن پيري پيپلز پارٽيءَ کي ٻين صوبن مان ٿورو ئي سهي پر ووٽن جو ڌرو پرزو ملي پوي پر جيڪڏهن هن جو هاٿي به ان پيري وارو حال ٿئي ٿو يعني هن کي ٻين صوبن مان ناميارا ته ڇا پر نالي ماتر به اميدوار نه ٿا ملن. تڏهن ته سنڌ ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ جي ته انهن کي ستي به پڪ آهي. سنڌ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ انهن کي جاڳي جاڪوڙڻ جي به ڪا ضرورت ناهي. سنڌ ۾ پيپلز پارٽي کي 15 سالن جي من مانيءَ واري حڪمراني ڪرڻ ۽ ڪرپشن جا عظيم مينار تعمير ڪرڻ جي باوجود به جيڪڏهن مات ٿيڻ جو ڪو خوف ۽ خدشو ناهي ته ڇا ان صورتحال تي سنڌ جي عوام کي به جديد دور جي امير جيالن جيان خوش ٿيڻ گهرجي؟ اها سنڌ جيڪا ڪڏهن سياسي طور تي سرڪش هئي. اها سنڌ جيڪا ڪڏهن ملڪي جمهوريت جي عملي ۽ عوامي تحريڪ جي سرواڻ هئي. اها سنڌ جنهن ۾ صرف نعرا ۽ نغما نه پر هڪ ڀرپور سياسي شعور هو ان سنڌ جي حالت ايتري نه هيٺي ٿي وئي آهي، جو ان مٿان بدترين حڪمراني ڪندڙ ڌر کي به بهترين حڪمرانيءَ جي هام هڻي هڪ پيرو ٻيهر اقتدار حاصل ڪرڻ جو يقين آهي. اهڙو يقين ملڪ جي ٻي ڪنهن صوبي ۾ ٻي ڪنهن پارٽيءَ کي ڪونهي. ڇا ان سلسلي ۾ سنڌ جي حوالي سان اهو سادو سوال پڇڻ جي اجازت جمهوري آزادين ۾ شامل آهي؟ ڇا سنڌ جي سياسي ماضيءَ ۽ سياسي حال جي وچ ۾ موجود ان تضاد واري وٿيءَ مان انهن سوالي لفظن جي ليئو پائڻ جي اجازت حاصل آهي ته، "سنڌ جي سياسي سمجهه ۽ سرڪشي جو اهڙو زوالي انت ڪيئن آيو؟"

تماش گاهه ۾ ڇا چونڊون وقت تي ٿي سگهنديون؟

علي حسن

سب ڳٽپ ۾ مصروف آهن. سياسي جماعتن جا اڳواڻ پنهنجا تڪ ۽ امڪاني ڪامياب اميدوار ڳڻي رهيا آهن. مستقبل ۾ حڪومت جي جوڙجڪ لاءِ پنهنجن ماڻهن جو تعداد ڳڻي رهيا آهن. چونڊن ۾ حصو وٺڻ وارا اميدوار چونڊن جو ڏينهن ڳڻي رهيا آهن. ڏسڻو اهو آهي ته چونڊون ٿين به ٿيون يا نه! نگران حڪومت پنجاب جي نگران حڪومت وانگر پنهنجي آئيني مدت به گذاري ڇڏيندي. هتي آئين جي ڀڃڪڙي کي عيب نٿو سمجهيو وڃي. وفاقي حڪومت چونڊ سڌارن جي باري ۾ تجويزن تي غور ڪري رهي آهي. حڪومت ۾ شامل ڪجهه ذريعن ان ڳالهه جو جائزو وٺي رهيون آهن ته سنڌن سياسي مخالفن کي ڪهڙي ريت چونڊن کان ٻاهر رکي سگهجي ٿو. چونڊ سڌارن واري پارلياماني ڪميٽي جي چيئرمين اياز صادق جو چوڻ آهي ته سياسي جماعت تي پابندي جي ڪا تجويز ويچار هيٺ ناهي، صرف طريقيڪار تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. سندس چوڻ آهي ته اسان جو ڪم چونڊ سڌارا ڪرڻ آهي، سياسي جماعتن تي پابندي لڳائڻ ناهي. چونڊ سڌارن تي ڪميٽي سفارشن کي ايندڙ هفتي آخري شڪل ڏيندي. چونڊن جي شفاف ٿيڻ لاءِ اٺائتين تجويزن کي ويچار هيٺ آندو ويو چونڊ سڌارن تي پارلياماني ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ سياسي جماعت تي پابندي جو اختيار سپريم ڪورٽ بدران پارليامينٽ کي ڏيڻ جي تجويز تي ويچاريو ويو. تجويز ڪيل ان ترميم ۾ چيو ويو آهي ته ٻهرين پارليامينٽ اهو جائزو وٺي ته سياسي جماعت تي پابندي لڳڻ گهرجي يا نه. ذريعن مطابق گڏجاڻي ۾ تجويز ڏني وئي ته پارليامينٽ سياسي جماعت تي پابندي لڳائڻ تي متفق هجي ته ان صورت ۾ معاملو سپريم ڪورٽ کي موڪليو وڃي.
چونڊ سڌارن تي پارلياماني ڪميٽي جو اِن ڪئمرا اجلاس سردار اياز صادق جي صدارت ۾ ٿيو. پارلياماني ڪميٽي جي اجلاس ۾ 73 چونڊ سڌارن تي غور ڪيو ويو پرزائيڊنگ آفيسر کي نتيجا ترتيب ڏيڻ لاءِ مخصوص وقت ڏيڻ جي تجويز به ڏني وئي. نتيجا مرتب ڪرڻ ۾ دير تي پرزائيڊنگ آفيسر کي جوابده قرار ڏيڻ لاءِ پڻ اتفاق ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ اها به تجويز سامهون آئي ته پرزائيڊنگ آفيسر چونڊ نتيجن ۾ دير لاءِ ٺوس سبب ٻڌائڻ لاءِ پابند هوندو ۽ پرزائيڊنگ آفيسر صحي ٿيل نتيجي جي تصوير رٽرننگ آفيسر کي موڪليندو. پرزائيڊنگ آفيسر کي تيز ترين انٽرنيٽ ۽ اسمارٽ فون ڏيڻ جي پڻ تجويز ڏني وئي. گڏجاڻي ۾ پولنگ ايجنٽن کي به ڪئمرا وارو فون گڏ کڻي وڃڻ جي تجويز سامهون آئي. پولنگ اسٽيشن جي هر بوٿ تي سي سي ٽي وي ڪئمرائون لڳائڻ جي به تجويز ڏني وئي. شڪايت جي صورت ۾ ڪئمرائن جي رڪارڊنگ ثبوت طور پيش ڪري سگهبي. اميدوار به قيمت ادا ڪري پولنگ اسٽيشن جي وڊيو حاصل ڪري سگهندو. پارلياماني ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي اميدوارن لاءِ چونڊن جي خرچن جي حد پڻ وڌائڻ جي تجويز ڏني وئي. قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ 40 لکن کان هڪ ڪروڙ تائين خرچ جي حد مقرر ڪرڻ جي تجويز سامهون آئي آهي ۽ صوبائي سيٽ لاءِ چونڊ مهم تي 20 کان 40 لک خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي. ذريعن مطابق ڌانڌلي ۾ ملوث اليڪشن عملي جي سزا 6 مهينن کان وڌائي 3 سال ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. غفلت تي پرزائيڊنگ ۽ رٽرننگ آفيسر جي خلاف فوجداري ڪارروائي ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي. ضابطءِ اخلاق جي ڀڃڪڙيءَ جو فيصلو 15 بدران 7 ڏينهن ۾ ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. پولنگ عملي جي حتمي فهرست بروقت اليڪشن ڪميشن جي ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ جي تجويز به سامهون آئي آهي.
گڏجاڻي ۾ اهي به تجويزون پيش ڪيون ويون آهن ته اميدوار 10 ڏينهن اندر تڪ ۾ چونڊ عملي جي مقرري چئلينج ڪري سگهندو. سيڪيورٽي اهلڪار پولنگ اسٽيشن جي ٻاهر ڊيوٽي ڏيندا. پرزائيڊنگ آفيسر جي اجازت سان سيڪيورٽي اهلڪار پولنگ اسٽيشن جي اندر اچي سگهندا. وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه اها توقع رکي ٿو ته آڪٽوبر 2023ع ۾ چونڊون ٿي وڃن. سنڌ اسيمبلي جو مدو 13 آگسٽ تي ختم ٿي رهيو آهي. 12 آگسٽ جي رات 12 وڳي اسيمبلي جو مدو ختم ٿي ويندو. جڏهن اسيمبلي جو مدو ختم ٿي وڃي ته آئين ۾ ڄاڻايل آهي ته ٻن مهينن ۾ چونڊون ڪرائڻيون آهن. مطلب ته ملڪ جي اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندڙ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ مصروف آهن. انهن جي دلچسپي جي هڪ ئي راند رهجي وئي آهي ته اهڙي ڪهڙي ريت اقتدار حاصل ڪري سگهن ٿا. آءِ ايم ايف جي منظور ڪيل قرض جي پهرين قسط به ملي چڪي آهي، هاڻي ڪهڙي ڳالهه جو خوف! پئسا ته موجود آهن. جيئن چاهيو تيئن خرج ڪريو البته معيشت کي سمجهندڙ هڪ هڪ ڊالر ڳڻي رهيا آهن ته حڪومت ڪهڙي ريت خرچ ڪندي ته ڪهڙا ڪهڙا نتيجا نڪرندا. سوال اهو آهي ته سرڪاري کاتن ۽ خانگي ادارن ۾ مالياتي ڪمپٽرولران ڪري مقرر ڪيا ويندا آهن ته اهي آمدني ۽ خرچ جو حساب ڪتاب رکندا آهن ۽ ضرورت وقت خطري جي گهنٽي وڄائيندا آهن پر پاڪستان ۾ ڊگهي عرصي کان فنانشل ڪمپٽرولر جو عهدو بي مقصد ثابت ٿي رهيو آهي. ذريعن انڪشاف ڪيو آهي ته پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائين رياض ايئرپورٽ اٿارٽي جون بقاياتون ادا ناهن ڪيون. جنهن تي قومي ايئر لائنز جي بقايائن جي ادائگي بابت خط پڻ وصول ٿي ويو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته پي آءِ اي رياض ايئرپورٽ کي 6 مهينن کان بقاياتون نه ڏنيون آهن. قومي ايئر لائين کي 6 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ بقاياتون ادا ڪرڻيون آهن. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پي آءِ اي 15 جولاءِ تائين (تاريخ گذري وئي) بقاياتون ادا ڪري. رياض ايئرپورٽ اٿارٽي ونٽر شيڊيول فلائيٽ جو سلاٽ ادائگي سان مشروط ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن مطابق پي آءِ اي کي جده ايئرپورٽ جي بقايائن جي ادائگي لاءِ اڳ ئي وارننگ جاري ٿيل آهي. پاڪستان آمريڪا ۾ پاڪستان سفارتخاني جي بلڊنگ ڪابينا جي منظوري سان وڪڻي ڇڏي آهي. بلڊنگ جي چابي حوالي ڪرڻ جي تقريب لنڪن لائبريري واشنگٽن ۾ منعقد ٿي. اها عمارت پاڪستاني ڄائي آمريڪي شهري عبدالحفيظ خان 7.1 ملين ڊالر ۾ خريد ڪئي آهي. آمريڪا ۾ مقرر پاڪستاني سفير مسعود خان جو چوڻ آهي ته وفاقي ڪابينا جي فيصلي مطابق پراپرٽي وڪرو ڪئي وئي آهي ڪا ٻي پراپرٽي وڪرو نه پئي ڪئي وڃي. سفارتي ذريعن مطابق واشنگٽن ۾ عمارت جي وڪري لاءِ واڪ ڏنو ويو. اطلاعن موجب عمارت ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين پاڪستاني ڪميونٽي جي خدمت ڪئي. ان تماش گاهه ۾ عجيب ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيون. جيترين ڏهاڪن سان پاڪستان پنهنجا اثاثا ناهيا هئا، اوتري ئي آساني سان حڪومتن انهن کي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي. ڇا گهر جا اثاثا به وڪڻي گهر هلائي سگهجي ٿو؟ اهڙن گهرن جو انجام اطمينان جوڳو ناهي هوندو. سوشل ميڊيا تي ڪنهن اهو لکيو ته. "پاڪستان او ايل ايڪس تي ٽنگيو ويو"

بقايا 01 ***

ڪي فل ڪورٽ جوڙڻ جي اپيل ڪري ڇڏي، سپريم ڪورٽ ۾ ملٽري ڪورٽس ۾ عام شهرين جي ٽرائل خلاف ڪيس ۾ وفاقي حڪومت لکت جواب جمع ڪرائي ڇڏيس 31 صفحن تي ٻڌل جواب اٽارني جنرل طرفان جمع ڪرايو ويو آهي. جنهن ۾ فوجي عدالتن خلاف درخواستون نه ٻڌڻ جوڳيون قرار ڏيڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. وفاقي حڪومت جي جواب ۾ چيو ويو آهي ته درخواست گذارهاءِ ڪورٽس سان رابطو ڪري سگهن ٿا. آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ پاڪستان جي آئين کان اڳ کان موجود آهي. انهن ٻنهي کي اڄ تائين چئلينج نه ڪيو ويو. آرمي ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت ڪيل قدمن قانون موجب درست آهن. سپريم ڪورٽ سڌي ريت ان ڪيس کي نه ٻڌي. فوجي عدالتن خلاف ڪيس فل ڪورٽ کي ٻڌڻ گهرجي. وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ جسٽس يحيٰ آفريدي به فل ڪورٽ ٺاهڻ جي راءِ ڏئي چڪو آهي. 9 مئي تي فوجي ملڪيتن کي منظم انداز ۾ نشانو بڻايو ويو. رٿابندي سان فوج کي نشانو بڻايو ويو. 9 مئي تي رڳو پنجاب ۾ 62 واقعا ٿيا. ڪور ڪمانڊر هائوس لاهور ۽ جي ايڇ ڪيو کي نشانو بڻايو ويو. پي اي ايف ميانوالي ۽ آءِ ايس آءِ فيصل آباد آفيس کي به نشانو بڻايو ويو. انهن حملن ۾ 2 ارب 53 ڪروڙ 91 لک کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو. فوجي ملڪيتن کي هڪ ارب 98 ڪروڙ 29 لکن کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو حڪومت جو چوڻ آهي ته دفاعي ملڪيتن ۽ فوجي آفيسن تي حملو سڌي ريت قومي سلامتي جو معاملو آهي. پرڏيهي طاقتون پاڪستان جي قومي سلامتي ۽ فوج کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿيون. ڪليوشن ياده ۽ شڪيل آفريدي جا واقعا ان جو ثبوت آهن.

بقايا 02 ***

اڳواڻن سان مشاورت ڪندو. هن چيو ته چونڊ اصلاحات ڪجهه ڏينهن ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ ٿيڻ به گهرجي. پراڻي چونڊ رولز تي ئي چونڊون ٿيڻ گهرجن. اليڪشن ڪميشن پراڻي آدمشماري تي ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. اليڪشن ڪميشن پراڻين حد بندين تي ڪم شروع ڪري چڪو آهي. حد بنديون ڪرڻ جي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي چار مهينا گهرجن. جيستائين نئين آدمشماري نوٽيفاءِ نئي ٿئي نئين حد بندين جو سوچي به نٿا سگهون. قمرالزمان ڪائرهه چيو ته سياسي پارٽيون جيڪڏهن اصلاحات بهتر سمجهن ٿيون ته فوري طور تي مشاورت کان پوءِ قانون سازي ڪن. هن وڌيڪ چيو ته سياسي عهدن کي سياستدان ئي هلائي سگهن ٿا. اهو انهن جو ڪم آهي. ملڪ جو سڀني کان وڏو سياسي عهدو وزيراعظم جو آهي. وزيراعظم جي عهدي تي ڪنهن جج، جرنيل، بيوروڪريٽ، ٽيڪنوڪريٽ، صحافي يا ڪارپوريٽ جو ڪو ماڻهو لڳايو وڃي ته اهو هن عهدي تي ڪم نه ڪري سگهندو. وزيراعظم جي صلاحڪار چيو ته هاءِ ڪورٽ يا سپريم ڪورٽ ۾ ڪنهن جج جي سيٽ خالي هجي ۽ ان تي مون جهڙي ماڻهو کي جيڪڏهن جج لڳايو وڃي ته مان اتي ڪهڙو انصاف ڪري سگهندس. ڪنهن انتظامي عهدي تي اوچتو ڪنهن جج کي ويهاريو وڃي جنهن کي تجربو نه هجي اهو ڪم نه ڪري سگهندو. وزيراعظم آفيس جون تمام گهڻيون ذميواريون هونديون آهن. وزيراعظم هجي، مسٽرز هجن يا چيف منسٽر هجي ان تي سياسي ماڻهن کي اچڻ گهرجي ٻين جي لاءِ رستا نه کولڻ گهرجن.

بقايا 03 ***

جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ زرعي ايراضي فوج کي ڏيڻ بابت سنگل بئنچ جي فيصلي خلاف پنجاب حڪومت جي اپيل تي ٻڌڻي ٿي. جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ پنجاب حڪومت جي اپيل تي

ٻڌڻي ڪئي. پنجاب حڪومت درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته عدالتي فيصلي ۾ تضاد آهي. درخواست گذار متاثر ڌر ناهي. زرعي پاليسين کي ريگيوليٽ ڪرڻ عدالتن جي ذميواري ناهي. سنگل بئنچ فوج کي زمين ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن قانون جي ابتڙ ڪالعدم قرار ڏنو. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته قانون موجب نگران حڪومت اڳوڻي حڪومت جي ڪنهن اڻ پوري قدم يا پاليسي تي عمل ڪري سگهي ٿي. منصوبو نگران حڪومت نه ان کان اڳ چونڊيل حڪومت شروع ڪيو هو. ٻه رڪني بئنچ دليل ٻڌڻ کانپوءِ سنگل بئنچ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو.

بقايا 04 ***

ڪرڻ بعد ڪرسي تي ويهڻ تي شرم اچڻ گهرجي. مرتضيٰ وهاب چيو ته تعريبازي سان ڪجهه نه ٿيندو. ميڊيا ڏسي رهي آهي. اسان اجلاس هلائڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته ڪراچي ۾ پاڻي، ڊرينيج ۽ سيوريج سميت سمورا مسئلا حل ڪنداسين

بقايا 05 ***

قيمتي قدرتي معدنيات به آهن. سنڌ سرڪار بين الاقوامي سيڙپڪاري ڪانفرنس منعقد ڪندي. سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ، توانائي، زراعت، آبپاشي، مواصلات ۽ ٻين شعبن ۾ به ترقي ٿي آهي. تمام جلد هي مدو پورو ڪندي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ انشاءَ الله پاڪستان پيپلز پارٽي کٽيندي. سنڌ اسيمبلي ميڊيا ڪارنر تي صحافين سان ڳالهائيندي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جتي صوبن کي ڳنڍيندڙ واري پارٽي آهي ۽ اتحاد، يڪجهتي ۽ مفاهمت پيپلز پارٽي جي پاليسي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي کي ملڪ جي سمورن صوبن جي عوام

بقايا سنڌيار 01

ناروشاهه پرسان ڳوٺ مٺو پنهور ۾ شادي ڪاڄ ۾ شرڪت نه ڪرڻ تان پاڻجن ڄڻن ڪان معذور مامي جي گهر تي اچي حملو ڪري ڏنو معذور پيرسن احمد علي پنهور ٻڌايو ته منهنجا پاڻج نديم پنهور الهداد عبدالرزاق پنهور ۽ ٻين گهر ۾ شادي ڪاڄ ۾ شرڪت نڪرڻ تي تشدد ڪيو هن جيو ته پاڻجن سان گهر جي مالڪي تان تڪرار هلندڙ آهي انهن پٽ ۾ شرڪت جي دعوت ڏني جنهن ۾ مان شرڪت نه ڪئي جنهن تان مچرجي پيا ۽ منهنجي گهر مٿان حملو ڪري مونکي ۽ گهرپاتين کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ هاڻي گهرخالي ڪري ڳوٺ مان نڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ٻئي پاسي رابطو ڪرڻ الزام هيٺ آيل نديم پنهور سان رابطو ڪرڻ تي هن ٻڌايو ته مامو اسانجي حصي جي جڳهه ۾ ويٺل آهي جڏهن هن مرٽو برٽو اٿڻ ويهڻ اسان سان ختم ڪري ڇڏيو آهي ته پوءِ اسانجي گهر ۾ ڇو ويٺل آهي اسان پنهنجو گهر خالي ڪرڻ جو چيو ته هن جا گهر ڀاتي اسان مٿان سان وڙهي پيا آهن جڏهن ته ناروشاهه پوليس ٻنهي ڌرين جو ڪجهه ڪيس داخل ڪري معاملي جي جاچ شروع ڪري ڏني آهي ڪابه گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي آهي.

بقايا سنڌيار 02

سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر سينيئر صحافي امداد بوزدار جي ڀڻن خالد ۽ زاهد بوزدار تي شڪارپور ڦاٽڪ ويجهو نامعلوم جوابدارن حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمين کي علاج خاطر سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف اهڙي اطلاع ملڻ تي سکر جي صحافين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڦهلجي وئي آهي صحافي برادري پاران اهڙي قاتلاڻي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي حملا آور جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 03

صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ فشريز سنڌ سردار مير عبدالباري خان پتافي ڏهرڪي پريس ڪلب پهچي ويو نيشن چونڊيل عهديدارن مبارڪباد ڏني ان موقعي تي هن چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ خدمت جي جذبي سان اڳتي وڌي رهي آهي مون پنهنجي تڪ پي ايس 19 ۾ ضلعي صدرات ڪان ولي ضمني چونڊن ۾ ايم پي اي ۽ 2018 واري چونڊن ۾ جونڊجڻ بعد پارٽي پاران مون کي صوبائي وزير مقرر ڪرڻ دوران مون پنهنجي تڪ ۾ ڪروڙين رپين جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون آهن جنهن کي تڪ جو عوام ياد رکندو موصوف گڏريل ڏينهن ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي جي تازين چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عهديدارن صدر تنوير مهر جنرل سيڪريٽري طاهر عباس جوائنٽ سيڪريٽري اسد علي خزانچي برڪت دشتي آفيس سيڪريٽري عبدالله بخش راجڙي اطلاعات سيڪريٽري ديود لطيفي کي هار ۽ سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پهرايا ۽ مبارڪ باد ڏني ان موقعي تي صوبائي وزير سنڌ عبدالباري پتافي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي حاڪميت نه پر فقط خادم جي حيثيت سان رهي تي هن چيو ته پي ايس 19 ڏهرڪي ميرپور ماٿيلو جو تڪ گهمي ڏسو هر هنڌ منهنجون اسڪيمون توهان کي نظر اينديون هن چيو پارٽي ۾ ڪي به اختلاف ناهن جڏهن ٽڪيٽون ڏيڻ جو وقت آيو ته پارٽي قيادت جو فيصلو هر ڪنهن کي مڃڻو پوندو جنهن فيصلي سان اختلاف ڪيو يا پارٽي فيصلي کان انڪار ڪيو اهو ڪنهن به ڪم جو نه رهندو هن وقت به منهنجون ڪيترين ئي اسڪيمون هلي رهيون آهن صوبائي وزير عبدالباري خان پتافي چيو ته مان هر هفتي جا ٽي ڏينهن پنهنجي تڪ جي ماڻهن سان گڏ رهان ٿو سندن ڏک سک ۾ هر وقت گڏ آهيان 2023 واري چونڊن ۾ ٽڪيٽ ملڻ متعلق سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پارٽي جنهن کي ٽڪيٽ ڏيندي اهو سيني کي قبول ڪرڻو پوندو

بقايا سنڌيار 04

...

ڪلندو آهي ان لاءِ آئون اوهان کي نمائو عرض ڪريان ٿو ته فوري طور نوٽيس ورتو وڃي ۽ علائقي واسين کي بلدياتي سهولتون فراهم ڪري پريشاني کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 08

خدا ڏنو شاهه، بابر بلوچ،جميعت علماء طاهريا پاڪستان اڳواڻ علامه محمد رفيق موجائي،مرڪزي پريس ترجمان علامه ديدار حسين ڪوهارو،سعيد احمد ڪرڪر طاهري ،علامه محمد عثمان جلباني، مولانا عطاالله مگسي ،علامه محمد حسان طاهري ،علامه عبدالحق چنه، مفتي محمد ڪامل طاهري، علامه غلام مصطفي عباسي، علامه غلام عباس پنهور،علامه عبدالڪريم طاهري سميت مختلف سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن توڙي علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد مرحوم کي مقامي قبرستان يوسف شاهه ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي سوڳوارن ۾ گهرواري چار پٽ ۽ هڪ نياڻي شامل آهي اڳواڻن چيو ته علامه محمد مشفق طاهري جون علمي، ديني خدمتون سدائين ياد رهنديون الله پاڪ سندس مغفرت فرمائي ۽ جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا ڪري.

بقايا سنڌيار 09

ڊي ايس پي ٺٽو عباس ڳاڏهي ايس ايڇ او ٺٽو اي ڊي پنهور ـ ايس ايڇ او مڪلي زاهد شيخ ۽ 15 انچارج ٺٽو حسين هيجب ايس ايس پي آفس ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ٺٽي جي مشهور گهوڙاباري اسٽاپ تي گڏيل ڪارروائي دوران 125 موٽرسائيڪل سوارن جي ٽولي کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مقبول پٽ لنواري بروهي ـ سجاد ولد محمد هاشم بروهي ۽ عمير ولد محمد يعقوب بروهي تي ٻڌل ٽولو شامل آهي جيڪي گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ٺٽي ۽ مڪلي شهر ۾ مختلف وارداتن ۾ ملوث هئا جن پاران ڪجھ ڏينهن اڳ ٺٽي جي هڪ واپاري جي منشي کان فقير ڳوٺ روڊ پرسان هڪ لک ٽيهه هزار روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦرڪري فرار ٿي ويا هيا.ڦريل ڪيش سميت سامان هٿ ڪري جوابدارن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي گرفتار جوابدار چورين ـ ڦرن سميت اسٽريٽ ڪرائم جي مختلف وارداتن ۾ ملوث هئا. جن وارداتن ۾ استعمال ٿيل هڪ 125 موٽرسائيڪل ۽ 2 پسٽل پڻ هٿ ڪيا ويا آهن گرفتار جوابدارن خلاف ٺٽي ۽ مڪلي ٿاڻن تي ...

ڪرايو وڃي. اتر سنڌ اندر امن امان جي موجوده صورت حال کي ضابطي هيٺ رکڻ لاءِ موثر اپاءَ ورتا وڃن ۽ سنڌ جي زرعي جنسن جي اپت وڌائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

بقايا سنڌيار 16

تي ٻيٺل قيمتي وڻ ايريگيشن جي ملي ڀڳت سان وڏي ڪٽي وڪرو ڪيا پيا وڃن ايريگيشن جا اعليٰ عملدار اگهور ننڊ ستل آهن. ٻي طرف سجاڻ ڌرين ساڄاهه وندن جو چوڻ آهي ته شاهه واهه شاخ تي ٻيٺل پراڻن ۽ نون وڻن جي بنا منظوري ۽ ٽينڊر جي واڍي ڪري وڻ ماٿهو ڪٽڻ لڳا آهن، هوڏانهن هر ٻئي ٽئين ڏينهن رات جي ٽائيم وڻن جي ڪٽائي جاري آهي ۽ وڻ ڪٽڻ وارن کان ڪو پڇڻ وارو ناهي هڪ طرف حڪومت سر سبز پاڪستان جو نارو لڳائي رهي آهي ته ٻئي طرف قيمتي وڻن جي واڍي جاري آهي جنهن سان ماحول تي پڻ ناڪاره اثر پئجي رهيا آهن ماحول ۾ آلودگي وڌي رهي آهي. سول سوسائٽي پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته آبپاشي عملدارن، نيب ۽ اينٽي ڪرپشن جي اختيارين کي هن معاملي جي اعليٰ سطح تي جاچ ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان گڏو گڏ ماحول دوست تنظيمن کي پڻ اپاءَ وٺڻ گهرجن.

بقايا سنڌيار 17

بدر الدين ميمڻ : ڪيي انهي موقعي تي انتظاميا طرفان جڏهن ته شرڪت ڪندڙ مورو ميونسپل چيئرمين نذير احمد ميمڻ : مورو پوليس ڊي ايس پي يار محمد رند : مورو ميونسپل سي ايم او فيصل ڏاهري : مورو روينيو مختيار ڪار وزير چند : مورو واپڊا انجنيئر ارشاد علي سيال : ايس ڊي او واپڊا عابد علي سيال : لائين سپريڊنٽ شاهنواز علي ملاح : سوئي گيس انجنيئر نعيم ميمڻ : ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر وحيد الدين ميمڻ : انڪروچمينٽ انچارج تاج محمد منگي : صحافي رضوان جمالي ؛ صحافي انور علي سولنگي ۽ اسڪوائيٽ انچارج احسان ب موجود جڏهن ت گڏجاڻي جي شروعات حافظ سجاد علي قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيي گڏجاڻي دوران محرم الحرام جي مختلف انتظامات تي غور ويچار ڪيو ويو جنهن ۾ سبيل اما حسين ماتمي قافلن جو روٽ ۽ ٽايم ٽيبل شيڊول تي ب پڻ اتفاق راءِ ڪيو ويو جنهن ۾ اهلسنت ۽ اهل تشيع جي اڳواڻن محبت ڀائيچاري جو اظهار ڪيو ۽ بعد ۾ دعاءِ خير گهري وئي.

...

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار — Reg No 2677 — ايڊيٽر اعجاز مهر — ڪراچي — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com